حڪومتِ سنڌ
آبپاشی کاتو

# خيرپور ريجن ۾ نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ ٻيهر بحاليءَ لاءِ
# ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي جو خلاصو


















## سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پروجيڪٽ (ايس ايف اِي آر پي)

ايسوسئيٽيڊ ڪنسلٽنگ انجنيئرس اي سي اِي لمٽيڊ

ريجنل آفيس (ڏکڻ)

ڊي-288، ڪي ڊي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (92-21) 34141172،
34141173،

34141174، فيڪس: (92-21) 34141175
اي ميل:
اي ميل: acesouth@gmail.com; www.acepakistan.com

پروجيڪٽ آفيس:

ڊي-266، ڪي ڊي اي اسڪيم نمبر 1، اسٽيڊيم روڊ ڪراچي-75350 فون (92-21) 34125202

اي-ميل: 50dams@gmail.com

پروگرام تي عملدرآمد وارو يونٽ
(آبپاشي وارو پاڱو)

**نومبر** 2023

# خُلاصو


تجويز ڪيل پروجيڪٽ (سنڌ فِلڊ ايمرجنسي رِيهيبلِيٽيشن پروجيڪٽ-ايس ايف اي آر پي) ٻوڏ کان بچاءُ واري نظام، آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري سرشتي ۾ بهتري آڻيندو، ننڍين ڊيمن جي مرمت ڪندو ۽ اوچتي ٻوڏ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ تباهي کي گھٽائڻ لاءِ ننڍا نوان ڊيم/پاڻيءَ کي روڪيندڙ بند ٺاهيندو.

انهيءَ کان علاوه، تجويز ٿيل سرگرمين تي عملدرآمد ڪرڻ سان 12000000 ماڻهن جي آبادي، 1810000 گهرَ ۽ 3770000 ايڪڙ پوک طوفاني برساتن کان بچي ويندا.

هن پروجيڪٽ جا پنج مکيه جزا آهن: جزو 1 : بنيادي ڍانچي کي ٻيهر بحال ڪرڻ، جزو 2: آمدني جي ذريعن لاءِ مدد ڏيڻ، جزو 3: قدرتي آفتن جو مقابلو ڪرڻ ۽ فني مدد لاءِ ادارن کي مضبوط بنائڻ، جزو 4: پروجيڪٽ جي انتظام ۽ عملدرآمد جو خرچ، ۽ جزو 5: هنگامي حالتن جو ترت تدارڪ ڪرڻ.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي منصوبو ( اِي ايس ايم پي) ماحولياتي ۽ سماجي اثرن ۽ انهن اثرن کي گھٽائڻ واري جزي- 1 جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن ۾ ذيلي پروجيڪٽ/ماتحت جزا بشمول ٻوڏ کان بچاءَ بند جي نظام جي مرمت ۽ بحالي شامل آهن. خيرپور ريجن ۾ نيڪال جا اٺ سرشتا به هن ذيلي جزي جو حصو آهن جن ۾ علي بهر برانچ تي سائفن جي مرمت، ڪبري نيڪال وٽ سائفن جي مرمت، ايف-پمپنگ اسٽيشن جي مرمت، جِي- پمپنگ اسٽيشن جي مرمت، ٽالپر وڏا پمپنگ اسٽيشن جي مرمت، ٽالپر وڏا واٽر ڪيريئر نالي جي مرمت، ٽالپر وڏا جي واٽر ڪيريئر نالي وٽ (ٽيهه فوٽ ويڪري) مورِي جي مرمت ۽ ٽالپر وڏا واٽر ڪيريئر نالي جي (ارڙهن فوٽ ويڪري) مورِي جي مرمت شامل آهن.

بحالي ۽ مرمت وارا ڪم موجوده ڪل ايراضي تائين محدود آهن انهي ڪري تجويز ڪيل پروجيڪٽ جا هن علائقي تي ڪجھ معمولي ناڪاري ماحولياتي اثر پوندا پر انهن جي نوعيت اهڙي آهي جو انهن جي تلافي ڪري سگھجي ٿي، اهي انهي خاص ايراضي تائين رهندا ۽ عارضي هوندا. انهي ڪري هي ذيلي پروجيڪٽ، سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام واري منصوبي (اِي ايس ايم پي) جي وچٿرن امڪاني خطرن جي درجي ۾ اچي ٿو. موجوده اي ايس ايم منصوبو انهي وچٿري خدشي جي ضرورتن جو پورائو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پروجيڪٽ جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام منصوبي ۾ شروعاتي ڇنڊڇاڻ جي طئه ٿيل معيار مطابق، تجويز ڪيل پروجيڪٽ تي عملدرآمد ٿيڻ سان گهٽ درجي جا ماحولياتي ۽ سماجي اثرَ پوندا. امڪان آهي ته اهي خدشا عارضي رهندا، انهن جي تلافي ڪري سگهبي ۽ پروجيڪٽ جي تجويز ڪيل علائقن تي انهن جا اثر ڊگهي عرصي تائين نه رهندا. انهي ڪري اي ايس ايم پي کي عالمي بئنڪ جي بچاءُ ۽ تحفظ واري ٽيم جي صلاحن سان تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن ذيلي پروجيڪٽ ۾ گهٽ نوعيت جي خدشن جو تدارڪ ڪري سگهجي. سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي- اِي پي اي مطابق: تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ، بحالي ۽ مرمت وارن ڪمن جي ڪري سنڌ ۾ ماحولياتي تحفظ (اِي پي اي) واري قانون 2014 جي دفعه 20 جي دائري ۾ اچي ٿو جنهن لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظام وارو منصوبو ناهي، سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري ايجنسي وٽ جمع ڪرائڻ ضروري آهي ته جيئن انهن کان ’ڪوبه اعتراض ناهي سرٽفيڪيٽ‘ يا اين او سي ورتي وڃي.

ان کان علاوهہ ذيلي پروجيڪٽ جي ڇنڊڇاڻ، ماحولياتي ۽ سماجي معاملن جي هڪڙي فهرست وسيلي عمل ۾ آندي وئي. انفرادي فهرستون پرڻ لاءِ سروي ڪيا ويا ۽ انهي سروي دوران ماحولياتي ۽ سماجي خدشن جي هڪ سمري به قلمبند ڪئي وئي. بحالي ۽ مرمت جا وڏا ڪم ڪل ايراضي تائين محدود رهندا. انهي ايراضي اندر عوامي استعمال جي ڪنهن عمارت يا ڪاروباري سرگرمين جو وجود ناهي. جڏهن ته تجويز ڪيل ذيلي پروجيڪٽ جي وچ واري هنڌ 500 فوٽن تي اڻ سڌي طور ناڪاري اثرن جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي، يعني، خيرپور ريجن ۾ نيڪال سرشتي جي مرمت ۽ ٻيهر بحالي (مرڪزي ليڪ جي ٻنهي پاسن کان 250 فوٽن تي). ذيلي پروجيڪٽ ويجهو (500 ميٽرن تائين) قديم آثارن جي ڪابه جاءِ نه ڏٺي وئي ۽ ڪي به قدرتي ثقافتي وسيلا ذيلي پروجيڪٽ واري هنڌ يا انهي جي پسگردائي ۾ نظر نه آيا جن جو اڏاوتي ڪمن جي نتيجي ۾ متاثر ٿيڻ جو امڪان هجي. اڏاوتي ڪمن واري علائقي ۾ ڪوبه قبرستان ناهي. بحالي لاءِ تجويز ڪيل علائقي پرسان ڪجهه ڳوٺ ڏٺا ويا پر اهي ايراضي کان ٻاهر آهن.

اڏاوت واري مرحلي ۾ سماجي طور حساس ڪجهه جايون جهڙوڪ: مسجدون، اسڪول، بنيادي صحت مرڪز ۽ قبرستان وغيرهہ اڻ سڌي طرح متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي پر اهو اثر عارضي آهي. جيڪڏهن نقصان گهٽائيندڙ تدبيرن کي خبرداري سان چوندي عملدرآمد ڪيو ويو ته انهي اڻ سڌي نقصان جي تلافي ٿي سگهي ٿي، اهي گهٽ اهميت رکندڙ- ٿوري مدي لاءِ هوندا. مرامتي ڪمن دوران ڪي به وڻ نه وڍيا ويندا. ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي به تحفظ ڏنل ٻيلا ڪونه ڏٺا ويا. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي ۾ ڪنهن مخصوص نباتات يا جانورن جو ڪوبه خطري ۾ پيل قسم نه ڏٺو ويو.

اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان پهرين، ’وڻن جي سامان جي تفصيل‘ يا انوينٽري تيار ڪئي ويندي. فليڊ سروي موجب، بحاليءَ جي ڪمن لاءِ 4 مقامي قسم جي وڻن کي هٽائڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي. انهن مان ڪوبه وڻ آءِ يو سي اين جي انهي فهرست ۾ ناهي جن کي ختم ٿيڻ جو خطرو هجي. انهي ساڳئي قسم جا 20 وڻ مناسب هنڌن تي ٻيهر پوکيا ويندا يعني هڪڙي وڍيل وڻ لاءِ پنج ٻيا وڻ (1:5) پوکيا ويندا. اڏاوتي ڪم شروع ٿيڻ کان پهرين، وڻن جي سامان جي تفصيل تيار ڪئي ويندي. ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ ڪي به تحفظ ڏنل ٻيلا ڪونه ڏٺا ويا. ذيلي پروجيڪٽ جي ايراضي جي ۾ ڪنهن مخصوص نباتات يا جانورن جو ڪوبه خطري ۾ پيل قسم نه ڏٺو ويو.

جاگرافيائي خدوخال جي حوالي سان خيرپور ضلعي کي 2 ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: اوڀر ۾ زرعي ميداني علائقو جنهن ۾ خيرپور، گمبٽ ۽ ميرواھ تعلقا ۽ خيرپور ضلعي جي ڏکڻ-اتر جو برپٽ وارو اڌ علائقو. مرمت ۽ ٻيهر بحالي جا سمورا تجويز ڪيل ڪم گمبٽ ۽ ميرواھ تعلقن جي زرعي ايراضين ۾ ڪيا ويندا. هن ضلعي ۾ مختلف قسمن جي مٽي ملي ٿي جنهن ۾ ڪيئي قسمن جون ڌار ڌار خاصيتون آهن. مٿانهين ايراضين ۾ هڪٻئي پٺيان ٻوڏون اچڻ سان اهي ميدان لٽاسي مٽيءَ جا ٺهي ويا آهن. ٻوڏون پاڻ سان مٽي جا سخت ذرا کڻي اچن ٿيون جيڪي واري جي دڙن ۽ ريتي وارن ڪنارن جي صورت ۾ ظاهر ٿين ٿا. ذيلي پروجيڪٽ جي مٽي، سنڌو ماٿري جي زرخيز لٽ واري چيڪي ۽ ڪجھ پٿريلي آهي.

ذيلي  پروجيڪٽ جي ايراضي  2 اي وارن حصن ۾ اچي ٿي ۽ انهي زمين جي زلزلي جنبش ماپ (پِي جِي اي) هڪٻئي کان مختلف آهي جيڪا 0.08 کان 0.16 تائين آهي (پاڪستان بلڊنگ ڪنٽرول ڪوڊ آف پاڪستان 2007). اهو ٿوري نقصان جي خدشي وارو علائقو آهي يعني اهي علائقا جيڪي ايراضي ۾ اچن ٿا تن ۾ زلزلي اچڻ جو گهٽ امڪان آهي.

خيرپور ضلعي جي آبهوا خشڪ ۽ جزوي طور خشڪ آهي. هن جي الهندي حصي ۾ وسيع عريض نارا ريگستان آهي. مارچ جي وچ ڌاري گرمي شروع ٿئي جيڪا آڪٽوبر تائين هلي ٿي. مئي، جون ۽ جولاءِ گهٽي مان گهٽا گرم مهينا ٿين ٿا. ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ اونهاري جي موسم ۾ گرمي پد وڌ مان وڌ ۽ گهٽ مان گهٽ ترتيبوار 45 سيلسس ۽ 27 سيلسس ٿئي ٿو. آگسٽ ۽ سيپٽمبر چؤماسي جا مهينا آهن: اهي مهينا گهميل ۽ ٻوسٽ واري آبهوا وارا آهن. ذيلي پروجيڪٽ واري علائقي ۾ برساتن پوڻ (گهڻيون جولاءِ ۽ آگسٽ مهينن ۾) جي ساليانى سراسري ماپ 120-230 ملي ميٽر آهي.

ذيلي  پروجيڪٽ جي مختلف علائقن مان زميني نمونا وٺڻ جو ڪم نيسٽ ليب جي ماهرن سرانجام ڏنو ۽ انهن نمونن جو تجزيو (ايس اِي پي اي ڪان منظورشده) ڊَڪام ليبارٽري ڪيو. سنڌ اينوائرنمينٽل ڪوالٽي اسٽئنڊرڊ 2016 (ايس اِي ڪيو ايس) پٽاندر انهن زميني نمونن جي چڪاس ڪئي وئي. تجزيي مان ظاهر ٿئي ٿو ته سڀ زهريلا ڌاتو حد ڪان وڌيڪ ناهن.

پيشي سان لاڳاپيل صحت ۽ حفاظت کي يقيني بنايو ويندو ته جيئن بيمارين ۽ حادثن ڪان بچي سگهجي. مزدورن ۽ ڳوٺاڻن ۾ جاڻ ۽ معلومات وڌائڻ تي ڌيان ڏنو ويندو. صفائي سٿرائي کي يقيني بنائڻ لاءِ صفائي برقرار رکڻ وارا قدم کنيا ويندا. انهي سان گڏ، اوچتي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي ترت سهائتو طريقي ڪار ناهيو ويندو. پيئڻ جي صاف پاڻي سان گڏ صفائي جون گهربل سهولتون فراهم ڪيون وينديون. انهي ڪان علاوه مزدورن لاءِ گند ڪچري جا دٻا اهڙن جاين تي رکيا ويندا ته ڪچرو سولائي سان ضايع ڪري سگهجي. هي سمورا ڪم ايس ايف اي آر پي لاءِ خاص طور تيار ڪيل ليبر مئنجمنٽ پراسيجر  پٽاندر آهن.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پراجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي منصوبي (اي ايس ايم پي) تي عملدرآمد لاءِ، عملدرآمد وارو شعبو يا پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پي آءِ يو) سنڌ جو آبپاشي کاتو ذميوار هوندو جنهن جو سربراه پراجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (پِي آءِ يُو) ۾ڪنسٽرڪشن سپرويئن ڪنسلٽنٽ (سِي ايس سِي) کي به شامل ڪيو ويو آهي جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگراني لاءِ ذميوار هوندو. آخر ۾، اڏاوتي ڪمن جي نيڪيدار وٽ، نقصان کي گهٽ ڪرڻ وارا قدم سرانجام ڏيڻ ۽ موجوده اي ايس ايم پي ۾ واضح ڪيل ٻين ضرورتن جي پورائي لاءِ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ تحفظ جو/ ليبر آفيسر هوندو آهي.

اينوائرنمينٽل ائنڊ سوشل مئنجمنٽ پلان تي عملدرآمد لاءِ -/6780950 روپين جي ڏار بجيٽ رکي وئي آهي. ذيلي پروجيڪٽ لاءِ، ڳوٺاڻن جي عام سهائتا واسطي 700000 روپيه رکيا ويا آهن. انهي کي اِي ايس ايم پي جي بل ۾ رقم واري عارضي اسم طور ضم ڪيو ويو آهي.

سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پراجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر کي ڳوناٽن وٽان آيل هڪ درخواست موصول ٿي جنهن ۾ هيٺ ڏنل ٻن پروجيڪٽن بابت ڳٽتي جو اظهار ڪيو ويو:

1 علي بهر برانچ تي سائفن جي مرمت

2 ڪبري نالي تي سائفن جي مرمت جو ڪم

انهي بعد، سنڌ فِلَڊ ايمرجنسي رِيهيبيليٽيشن پراجيڪٽ ( ايس ايف اِي آر پي) جي اِي ائنڊ ايس ٽيم پاران حقيقتون معلوم ڪرڻ لاءِ ڪاروائي ڪئي وئي (ضميمو-ست ۾ رپورٽ ڏنل آهي). حقيقتون معلوم ڪرڻ بعد ٽيم سفارش ڏني ته مقامي ماڻهن جي پريشاني کي ڏسندي، ذيلي پروجيڪٽ ۾ رٿيل اڏاوتي ڪم کي ڳوناڻن جي بهترين مفاد ۾ رد ڪري ڇڏڻ گهرجي.